مختيار ملاح

# نارائڻ جگن ناٿ جون سنڌ جي تعليم جي ترقيءَ ۽ ٻوليءَ لاءِ خدمتون


***Abstract:***

*Many Indian Marahats were employed in the Education Department of Sindh during 19th century, for example Narrayan Vishwasnath Mandlek, Mahadev Shastri, Kirshna Shahstri, Khanandas, Jagannath Vadiya and some others. But Rao Bahadar Narayan Jagannath Vadiya (1825-1874) was prominent of all. He belonged to Mahshastra (India). His mother tongue was Marthi; however, he had passed examination in Sindhi language. He remained much closed to British officers of Sindh. On account of his knowledge and education, he was appointed as a Deputy educational Officer in Sindh. In this way he was first non-European in India, who was trusted such a high rank post. He had command over Sindhi, Hindi, Sanskrit and Persian languages. First Sindhi medium School NJV High School established in 1854, which is known after his name. He was a member of Arabic Sindhi Alphabet expert committee. However, he himself was keen supporter of Dewnagri Script for Sindhi. Accordingly, he played a very giant role, when Government of Sindh assigned him reforming Hindu Sindhi Alphabet, printing books and establishment of Banya Schools. He also wrote a book on the on the history and geography of Sindh "Sindh Jo Nirvar" (1853), which was remained in the course of Primary schools. He also rectified many Sindhi text books for Sindhi language. But his contribution towards establishment of School was more than enough.*


**سنڌ** جي جديد تعليم جي ترقيءَ جو نئون دور ١٩ صديءَ جي وچ واري ڏهاڪي ۾ شروع ٿيو، اُهو دور هو، جنهن ۾ سنڌ جي سرڪاري ٻولي فارسيءَ مان بدلائي سنڌي ڪئي وئي هئي. اسڪول کوليا ويا، ڪتابن جي اشاعت شروع ٿي ۽ نئين تعليمي نظام لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ عربي- سنڌي لپي، نئينءَ ترتيب سان لاڳو ڪئي وئي. هندو ڪميونٽيءَ 'خداوادي' خط ٻه ڪم آڻيندي هئي، پر خط ڪامياب نه ٿي سگهيو. سنڌي مسلمانن ۽ هندن جي اڪثريت تدريسي ڪم ۽ لکپڙهه لاءِ آڏڻ لڳا. سنڌ جي تعليم، تدريس، ڪتابن جي اشاعت، الف- ب جي نفاذ ۽ اسڪولن جي برپا ڪرڻ





لاءِ ڏيهي توڙي پرڏيهي آفيسرن جو اهم ڪردار آهي، جنهن ۾ هڪ نالو نارائڻ جگن ناٿ وئديه جو ٻه آهي.

## شروعاتي زندگي:

نارائڻ جگن ناٿ جي زندگيءَ جي باري ۾ ڪا خاص معلومات نه ٿي ملي. ڊاڪٽر روپالي موڪاشي موجب، "نارائڻ جگن ناٿ وئديه مهارا شٽر جي چندر سيناڪيئما پربو ڪميونٽيءَ سان تعلق رکندڙ هو."[١] ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي موجب، "هو ١٨٢٥ع ۾ پيدا ٿيو ۽ مهارا شٽر جو رهندڙ عالم هو."[٢] نارائڻ جگن ناٿ جو وڏو ڀاءُ لڪشمن جگن ناٿ، برودا رياست جو ديوان هو. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو ته "نارائڻ جگن ناٿ اصل ميرٺ جو هو، سندس مادري زبان ميرٺي هئي. انگريزن جي ابتدائي دور ۾ سنڌ ۾ آيو ۽ تعليم کاتي سان لاڳاپيل رهيو. هي انهن چند ٻاهرين ماڻهن مان هو، جن سنڌي ٻوليءَ بابت خاص امتحان پاس ڪيو، جنهن عيوض کيس ٢٠ رپيا سالياني انڪريمنٽ ملي."[٣]

### سنڌ ڏانهن سفر:

نارائڻ جگن ناٿ، ١٨٤٩ع ۾ واپار جي غرض سان سنڌ هجرت ڪري آيو هو. هي اهو دور هو، جنهن ۾ سنڌ اندر فارسيءَ جي جاءِ تي سنڌيءَ کي ١٨٤٨ع ۾ انگريزن جي قبضي کان پوءِ، هڪ سال پوءِ ١٨٤٩ع ۾ جارج ڪلارڪ، سرڪاري زبان طور لاڳو ڪيو هو ۽ سرڪاري آفيسرن کي حڪم ڪيو هو ته، "هو سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪن." نارائڻ جگن ناٿ سنڌ ۾ رهي جلد ئي سنڌيءَ تي دسترس حاصل ڪري چڪو هو، ايتري قدر جو انگريز حڪمران کيس سنڌ جو پڙهيل ڳڙهيل مڪاني فرد سمجهندا هئا. ١٨٥٢ع ۾ "نارائڻ جگن ناٿ سنڌي ٻوليءَ بابت خاص امتحان پاس ڪيو، جنهن عيوض کيس ٢٠ رپيا سالياني انڪريمنٽ ملي."[٤]

## سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ:

١٨٥٣ع کان سنڌ ۾ سرڪاري طور اسڪول کلڻ شروع ٿي چڪا ها. نارائڻ جگن ناٿ جيئن ته سنڌي زبان جو خاص امتحان پاس ڪيو هو ان ڪري "شروعات ۾ ورنيڪولر انگلش ميڊيم اسڪول ڪراچيءَ ۾ استاد مقرر ٿيو."[٥]



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”نارائڻ جڳن ناٿ پهريون غير يورپي، غير سنڌي عملدار هو، جيڪو ١٨٥٥ع ۾ تعليم کاتي ۾ ڊپٽي ايجوڪيشن انسپيڪٽر مقرر ٿيو. ان وقت سنڌ ۾ اعليٰ عملدار ايجوڪيشن انسپيڪٽر هوندو هو، جنهن جي ماتحت ٻه ڊپٽي انسپيڪٽر هوندا هئا. هڪ اتر سنڌ ۾ ٻيو لاڙ واري پاڱي جو.“⁽٦⁾ نارائڻ جڳن ناٿ جون سنڌ جي تعليمي ترقيءَ ۾ وڏيون خدمتون آهن، جن جو ذڪر اڳتي ڪيو ويندو آهي.

## علمي قابليت:

نارائڻ جڳن ناٿ وڏو قابل استاد هو. ”هندي، سنسڪرت ۽ فارسي زبانن ۾ مهارت رکندو هو.“⁽٧⁾ انگريز عملدارن ۾ وڏي عزت رکندو هو، تعليم ۽ ٻوليءَ جي معاملن ۾ ڪيس شامل رکندا هئا. ان دور جي فائيلن ۽ رپورٽن مان خبر پوي ٿي ته سنڌ ۾ هن انتهائي مصروف زندگي گذاري.

## عربي- سنڌي الف- ب واري اصلاحي ڪاميٽي:

مارچ ١٨٥٣ع ۾ سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر ۽ سندس معاون بي-ايچ ايلس فيصلو ڪيو ته سنڌ ۾ عربي- سنڌي لکت رائج ڪئي ويندي. ان سلسلي ۾ هڪ اٺ رڪني ڪاميٽيءَ جوڙي وئي ته عربي-سنڌي الف-ب جي اصلاح ڪئي وڃي. ان ڪاميٽيءَ ۾ ديوان ننديرام، ديوان پريو داس آنندرام، ميان غلام حسين، قاضي غلام علي، ميان محمد، سيد ميران محمد شاهه (اول)، ديوان اڌارام ۽ اٺون ميمبر نارائڻ جڳن ناٿ هو. هن ڪاميٽي جون ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ڪيتريون گڏجاڻيون ٿيون، جن ۾ نارائڻ جڳن ناٿ جي موجودگي، هندي ۽ سنسڪرت حرفن جي تشريح ۽ اپياس بابت وڏي مدد مهيا ڪئي. هن ڪاميٽيءَ وڏي محنت سان هڪ متفق طور ٥٢ حرفن تي ٻڌل عربي- سنڌي لپيءَ جي تشڪيل ۽ ترتيب ڏئي سرڪار جي حوالي ڪئي.

## خداوادي خط جي اصلاح ۾ نارائڻ جڳن ناٿ جو ڪردار:

١٨٥٣ع ۾ انگريز سرڪار سنڌ ۾ عربي- سنڌي الف- ب ته رائج ڪري ڇڏي، مگر ڪيپٽن جارج اسٽئڪ جي خواب ۽ هندو ڪميونٽيءَ جي حسرتن جي پورائي لاءِ وڌيڪ ويچار ڪرڻ لڳا. بارٽل فريئر جيتوڻيڪ عربي- سنڌي رسم الخط جو حمايتي هو، مگر هن محسوس ڪيو ته هندن ۽ مسلمانن جو ترتيبوار خداوادي ۽ عربي- سنڌيءَ سان جذباتي لاڳاپو آهي. ان ڪري هندن کي راضي ڪرڻ لاءِ هن بمبئي حڪومت کي ٩ اپريل ١٨٥٥ع ۾ خط لکي منظوري ورتي ته خدا وادي خط کي هندن لاءِ سرڪاري طور متعارف ڪيو وڃي. ٨ جنوري ١٨٥٥ع ۾ پنهنجن سمورن ڪليڪٽرن کي هڪ سرڪيولر جاري ڪيائين. هندو- ڪميونٽيءَ لاءِ ممڪنه الف-ب جوڙي موڪلين. اهڙيءَ طرح سيني ڪليڪٽرن پنهنجي منشين کان چارٽ تهرائي سرڪار کي موڪلي ڏنا ۽ خداوادي خط تي ڪم شروع ٿي ويو. ڪيپٽن ليسٽر ١٨٥٦ع ۾ تعليم کاتي جو ايجوڪيشنل انسپيڪٽر مقرر ڪيو ويو. هن جو اهم ڪم اهو ته هو خداوادي خط ۾ اصلاح ڪرائي. هن هڪ ڪاميٽي جوڙي، جنهن ۾ نارائڻ جڳن ناٿ کي ميمبر مقرر ڪيائين. اڳتي هلي ڪيس ڪاميٽيءَ جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو، جن مان ڪجهه ميمبر اڳ عربي- سنڌي الفابيٽ لاءِ ٻه ڪم ڪري چڪا هئا. جهڙي ريت رچرڊ برٽن عربي- سنڌي رسم الخط جو تصور ڏنو ۽ ان جي پورائي بي. ايچ. ايلس ڪئي، اهڙيءَ ريت ڪيپٽن اسٽئڪ خداوادي جو منصوبو ڏنو، پر ان جي تڪميل نارائڻ جڳن ناٿ ڪئي. ان سلسلي ۾ مشهور انگريز عالم اي- جي گريئرسن لکي ٿو ته ”هندو- سنڌي لکت پڙهڻ لائق بڻائڻ لاءِ ڪوششون ٻه ڪيون ويون. ١٨٦٨ع ۾ ان موضوع تي هڪ سرڪاري ڪاميٽي غور ڪيو هو. جنهن هڪ بهتر صورتخطي ناهي، جنهن ۾ اهي اکر هئا، جيڪي مڪاني صورتخطي ۾ڪونه هئا. اها خداوادي نموني تي ٻڌل هئي، پر ’ر‘ جو اکر شڪارپوري خط مان ڪنيو ويو هو.“⁽٨⁾ ٢٤ مئي ١٩٤٣ع ۾ سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي اڳيان پيپر پڙهندي زرين قلم، نارائڻ جڳن ناٿ جي ڪردار کي هيٺئي رخ ۾ پيش ڪندي چيو ته، ”نارائڻ جڳن ناٿ سنڌ ۾ پورا ٢٥ سال رهيو، سو هندو سنڌيءَ جي مسئلي مان ناجائز فائدو وٺندي، هندي حرف جي باري ۾ تجربا ڪندو رهيو. هن پنهنجي تجربن سان حروف علت جا ڪيترا وڌيڪ حرف تيار ڪيا ۽ انهن جي مدد سان ترقي ڏيندي ١٨٦٨ع ۾ انهن حرفن کي اسڪولن ۾ رائج ڪرڻ لاءِ بمبئي سرڪار کي آماده ڪيو ۽ ان سلسلي ۾ ڪيتريون رعايتون ۽ سهولتون پڻ حاصل ڪيائين.“⁽٩⁾

١٣ ڊسمبر ١٨٦٨ع تي بمبئي حڪومت ’خداواديءَ‘ کي سنڌ ۾ سرڪاري طور نافذ ڪري ڇڏيو ۽ ان جو سرڪاري نالو هندو- سنڌي الف-ب رکيو ويو. خداوادي اختيار ڪرڻ لاءِ هيٺيان جواز پيش ڪيا ويا:

١.ان جي استعمال سان شاگردن جي حاضريءَ ۾ اضافو ٿيندو.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

٢.نئين خط جي استعمال سان ڪتاب جي اشاعت، واپارين ۽ دڪاندارن جي ٻارن جي تعليم ۾ سهوليت پيدا ٿيندي.

٣.نئين خط جي مناسب استعمال سان، جيڪي مسئلا ڪورٽن ۾ دستاويزن جي سمجهڻ ۾ ذڪيائي پيش ڪن ٿا، تن کي هندو- سنڌي اکرن سان گهٽائي سگهجي ٿو.(١٠)

٤.نارائڻ جڳن ناٿ جي ١٨٥٥ع کان هلندڙ ڪوششون ١٨٦٨ع ۾ ڪامياب ٿيون ۽ سندس ڪوشش سان خداوادي خط کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ هيٺيان اپاءَ ورتا ويا:

١٨٦٩.٥ع ۾ ڪراچيءَ ۾ هندو-سنڌي اسڪول بندر روڊ (هاڻوڪو ايم.اي جناح روڊ) تي کوليو ويو، جنهن ۾ پڙهڻ لاءِ 'خداوادي خط' کي لازمي قرار ڏنو ويو.

٦.خداوادي الف-ب جي شيٽ (چارٽ) جون ٣٠٠٠ ڪاپيون شايع ڪرايون ويون.

٧.نئين خط ۾ ڪيترائي درسي ڪتاب ۽ ڪي ادبي ڪتاب پڻ شايع ڪرايا ويا. پهرئين درجي کان وٺي پنجين درجي تائين درسي ڪتاب شايع ڪرايا ويا.(١١) پهريون ادبي ڪتاب خداوادي خط ۾ دودي چنيسر جو قصو شايع ٿيو.(١٢) هي قصو محمد يوسف ١٨٩٣ع ۾ لکيو، جيڪو ڪراچيءَ مان شايع ٿيو.

٨.ان خط ۾ ١٨٩٩ع ۾ پهريون ادبي رسالو 'سوکڙي' جاري ٿيو

٩.سنڌ بائيبل سوسائٽيءَ سينٽ ميٿيو جا خطبا هن رسم الخط ۾ شايع ڪرايا.(١٣)

١٠. ١٨٧٣ع ۾ خداوادي خط واسطي سنڌي ٽائيپ رائيٽر تيار ڪيو ويو.

١١.سنڌ جي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر ايم-ايڇ فلٽن هڪ پڌرنامي جي ذريعي هدايت ڪئي ته هاڻي اينگلو ورنيڪولر اسڪولن ۾ جتي هيٺين درجن جي استادن جي پگهار پنجاهه روپين کان گهٽ آهي، اهي ١٨٧٦ع تائين هندو-سنڌي صورتخطيءَ ۾ امتحان پاس ڪري وٺن. هن پڌرنامي ۾ سڀ کان اهم ڳالهه اها هئي ته اهي ماڻهو، جن هندو- سنڌي صورتخطيءَ ۾ امتحان پاس ڪيا آهن، تن کي عربي-سنڌي صورتخطي امتحان پاس ڪرڻ ضروري نه هوندو.(١٣)

سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪوشش جي باوجود 'خداوادي خط' سنڌ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو. زرين قلم جي مطابق، "مسٽر مهتا جي پر جوش حمايت ۽ دل مان امدادي رقم جي باوجود 'هندو-سنڌي' حروف تهجيءَ مقبول عام بنائڻ واري





مهم ناڪام ثابت ٿي."(١٥)

بهرحال، جيستائين هو سنڌ ۾ رهيو، خداوادي خط جي ڪوشش ۾ لڳو رهيو. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو لکي ٿو ته، "جڏهن شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ ديوناگري لپيءَ ۾ تعليمي وهنوار ڪيس ختم ٿيندي محسوس ٿيو ته هن سنڌ جي ڪمشنر کان خاص اجازت وٺي، اين. جي. وي. هاءِ اسڪول ۾ ان بابت ڪلاس ڪرايا. ٻارن کي راغب ڪرڻ لاءِ پنهنجي کيسي مان خرچ ڪري، ڪين ڪتاب ۽ ڪاپيون وٺي ڏيندو هو."(١٦)

## سنڌ ۾ تعليم لاءِ ڪيل خدمتون:

نارائڻ جڳن ناٿ ١٨٥٥ع کان سنڌ جي تعليم کاتي سان وابسته هو ۽ ترقي ڪندي، مارچ ١٨٦٢ع ۾ ڊپٽي ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور مقرر ٿيو . هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ نوان اسڪول قائم ڪرايا، شاگردن جي حاضريءَ ۾ اضافو ڪرايو. خداوادي خط جي اصلاح ۽ نفاذ لاءِ خاص ڪوششون ورتيون. درسي ڪتابن جي اشاعت ۾ سندس اهم ڪردار آهي ١٨٧٥ع ۾ تعليمي رپورٽ ۾ سندس باري ۾ لکيو ويو ته: "ڪمشنر صاحب جي رپورٽ مان صاف ظاهر آهي ته هن دفعي خرچ ۽ بچت واري حساب ۾ فرق واضح آهي. هن دفعي بچت وڌيڪ نظر اچي ٿي. ان سڄي ڪم ۾ سنڌ جي تعليم جي انسپيڪٽر ۽ خاص طور تي سندس ڊپٽي راءِ بهادر نارائڻ جڳن ناٿ جون ڪوششون قابل ذڪر آهن."(١٧)

شڪارپور شهر ۾ اسڪول قائم ڪرڻ کان سواءِ هن پنهنجي نالي سان لائبريري به قائم ڪئي هئائين، جنهن جو بعد ۾ وڏي عرصي کان پوءِ نالو بدلائي 'بيدل لائبريري' رکيو ويو.

نارائڻ جڳن ناٿ جو سڀ کان اهم ڪردار سنڌ جي تعليم جي امتحاني نظام ۾ بهتري آڻڻ هو. هن اسڪولن جي سپروائيزي نظام ۾ به بهتري آندي ۽ انسپيڪشن جو منظم نظام لاڳو ڪيو. لئس رائيس، ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن ميسور، پنهنجي رپورٽ بتاريخ ١٥ سيپٽمبر ١٨٧٤ع ۾ لکي ٿو ته، "نارائڻ جڳن ناٿ پنهنجي سنڌ جي نظم نسق واري تجربي جي آڌار تي ميسور جي تعليمي ۽ امتحاني نظام ۾ ڪيترائي سڌارا آندا." هو وڌيڪ لکي ٿو ته هن امتحاني نظام ۾ ٻولي، رياضي، تاريخ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ جاگرافيءَ کي لازمي قرار ڏنو. هر پيپر تي سؤ (١٠٠) مارڪون رکيون ويون. هر شاگرد لاءِ ڪجھ سوال هر مضمون مان رکيا ويا، جنهن سان سندس قابليت کي صحيح نموني پرکي سگھجي ٿو. هر پيپر تي رکيل چوٿون حصو( 1/4) مارڪون پاس ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيائين. جيڪو شاگرد سڀني پيپرن ۾ پاس ٿيندو هو، ان کي اڳئين ڪلاس ڏي موڪلڻ لاءِ سفارش ڪئي ويندي هئي.“[١٨]

## علمي ۽ ادبي خدمتون:

نارائڻ جگن ناٿ کي علم ۽ ادب سان وڏي محبت هئي. هو فارسي، سنڌي، انگريزي ۽ سنسڪرت ٻوليون ڄاڻندو هو. هن کي سنسڪرتي ادب توڙي پراڻن قلمي نسخن گڏ ڪرڻ جو وڏو شوق هو. سندس چاھ کي ميجيندي شنڪر پي پنڊت پنهنجي ڪتاب جي مهاڳ ۾ ٿورا ميجيندي لکي ٿو تہ ”هن کي مڪرا مور وينشم جو قلمي نسخو سرڳ واسي راءِ بهادر نارائڻ جگن ناٿ وئديہ ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن، ميسور وٽان مليو هو.“[١٩]

سنڌ ۾ رهندي هن هڪ مخزن جاري ڪئي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي لکي ٿو تہ “هن تعليم کاتي طرفان پهريون سنڌي مخزن ’سنڌ سڌار‘ سن ١٨٦٦ع ۾ شروع ڪيو، جنهن جو پهريون سمپادڪ (ايڊيٽر) بہ پاڻ هو.“[٢٠]

جاگرافيءَ جي موضوع تي ’ڌرتي نروار‘ نالي ڪتاب سال ١٨٥٥ع ۾ لکيائين، جيڪو ٻن جلدن ۾ ڇپيو ڪتاب جيتوڻيڪ مختصر آهي، مگر معلومات جي لحاظ کان نهايت مفيد ۽ بنيادي آهي. ڪافي عرصو هي ڪتاب نصاب ۾ شامل هو. ڪتاب جي ٻولي ٻارن جي ڏانءَ وٽان هئي. هو انگريزي زبان تي بہ مهارت رکندو هو، ان جو ترجمو بہ سولي ۽ آسان زبان ۾ ڪيو اٿس.“[٢١] ڪتاب مان سندس ٻوليءَ جو حوالو هيٺ ڏجي ٿو:

”منڌ کان سنڌ سائو علائقو آهي. ويتر سنڌو نديءَ جي وهڻ، هن ايراضيءَ کي آباد بنايو آهي. سياح ۽ سوداگر سمنڊ رستي سفر ڪري سنڌ ۾ اچن ٿا. جهاز صنوبر جي ڪاٺ جا جڙيل آهن. جن ۾ ننديون ننديون ڪوٺڙيون ٿين ٿيون. چين جا وڏا جهاز بہ هتي پهچن ٿا. هتان جو واپار گهڻو ڪري سمنڊ جي ڪنارن تي هلي ٿو. ماڻهو خوشحال ۽ سوڪا آهن. هند مان خوشبوءِ، ڪاٺ، صندل، ڪافور، لونگ، جائفل،





ڪباب چيني، ناريل، ڪپھ، سٽيءَ جا ڪپڙا، مخمل جا ڪپڙا، هاٿي. سرانديپ مان ياقوت، موتي، بلور، ملبار مان ڪارا مرچ، گجرات مان شيهو، دکن مان بکرم ۽ سنڌ مان ڪٿو، بانس ۽ بيد وغيره عرب ۽ عراق طرف وڃي ٿو. آبهوا خشڪ آهي ۽ ساموندي ڪنارن تي گهم زيادھ آهي، گرم ڏينهن ۾ مينهن زياده پوي ٿو.“[٢٢]

١٨٥٥ع ۾ رياضيءَ جي مضمون تي، خداوادي خط ۾ سندس هي ڪتاب ’ليکي جي پيڙھ‘ تعليم کاتي طرفان شايع ٿيو. هي ليٿو تي ڇپرايل ننڍڙو ڪتاب هو، جيڪو تعليمي مقصد لاءِ لکيو ويو هو.

## سنڌ مان مسيور ڏانهن بدلي:

٢١ جولاءِ ١٨٧٣ع تي هو ڪراچي ڇڏي، پوني هليو ويو، جتي هن کي اسڪولي ڪتابن جي هڪ ڪاميٽيءَ تي بمبئي پريزيڊنسيءَ طرفان مقرر ڪيو ويو هو. ١٨٧٤ ۾، سندس ميسور ۾ ايجوڪيشنل انسپيڪٽر طور مقرري ٿي. ”نارائڻ جگن ناٿ پهريون هندستاني هو، جنهن کي برطانوي حڪومت ميسور جو ڊائريڪٽر پبلڪ انسٽرڪشن مقرر ڪيو هو. ١٨٧٤ع ۾ ئي کيس بمبئي يونيورسٽيءَ جي سينيٽ جو ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويو هو.“[٢٣] هو ٻن سالن تائين ميسور ۾ علمي خدمتون سر انجام ڏيندو رهيو.

## نارائڻ جگن ناٿ جي وفات:

١٥ سيپٽمبر ١٨٧٤ع تي ميسور جي ڊائريڪٽر آف پبلڪ انسٽرڪشن لئس رائيس، ميسور جي چيف ڪمشنر کي نارائڻ جگن ناٿ جي وفات جي سرڪاري طور آگاهي ڏني. لئس رائيس پنهنجي خط ۾ ڄاڻايو تہ ”نارائڻ جگن ناٿ امتحانن جي سلسلي ۾ سنڌ ويل هو، جتي شديد گرمين جي ڪري کيس ڏينهن لڳي ويو، جتان هو واپس اچي، هڪ هفتو بئنگلور ۾ رهيو. بمبئيءَ اچڻ تائين سندس طبيعت گهڻي خراب ٿي وئي ۽ آخر ٢٢ مارچ ١٨٧٤ع ۾ وفات ڪيائين.“ هن وڌيڪ لکيو تہ ”افسوس هن صوبي جو نارائڻ جگن ناٿ جي موت سبب وڏو نقصان ٿي ويو آهي.“[٢٤]

## نارائڻ جگن ناٿ کي سرڪاري طور ميجتا:

نارائڻ جگن ناٿ کي سرڪار، سندس خدمتن طور ڪيترائي خطاب ۽ وظيفا جاري ڪيا هئا. ١٨٧٣ع ۾ کيس ’راءِ بهادر‘ جو خطاب مليو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## اين جي وي هاءِ اسڪول:

اين جي وي هاءِ اسڪول، جيڪو ڪراچي ۾ بندر روڊ (هاڻوڪي ايم. اي. جناح روڊ) تي هڪ عاليشان عمارت نظر اچي ٿو، ان کي تڏهوڪي سنڌ جي ڪمشنر بارٽل فريئر جوڙايو هو. سنڌ جي تاريخ جو پهريون سرڪاري اسڪول هو، جيڪو آڪٽوبر ١٨٥٥ع ۾ قائم ٿيو. هن اسڪول جو سنڌ جي تاريخ، ادب ۽ تعليمي ترقيءَ ۾ وڏو ڪردار آهي. ١٨٧٤ع ۾، نارائڻ جڳن ناٿ جي وفات تي، بمبئي سرڪار ڪيس خراج تحسين پيش ڪندي ڪراچيءَ جي ان اسڪول کي سندس نالي پويان منسوب ڪيو. شروع ۾ اسڪول کي فقط ’نارائڻ جڳن ناٿ اسڪول‘ سڏيو ويندو هو. اسڪول بابت ايچ ٽي سورلي لکي ٿو ته، ”١٩٣٩ع ۾ نارائڻ جڳن ناٿ جي پوٽي سي-ڊي وئديا (ولد گنجن وشنو وئديه) جيڪو ان وقت بمبئيءَ جو نالي وارو بئريسٽر ۽ وڪيل هو، ان هڪ درخواست ڏني ته نارائڻ جڳن ناٿ جي پويان سندس خانداني نالو ’وئديه‘ پڻ لڳايو وڃي. سرڪار سندس درخواست قبول ڪندي، اسڪول جو نالو نارائڻ جڳن ناٿ وئديه (NJV) اسڪول ڪري ڇڏيو.“(٢٥)

مطلب ته نارائڻ جڳن ناٿ، سنڌ ۾ رهي تمام وڏيون خدمتون سر انجام ڏنيون. هن سنڌ جي تعليم، علم، ادب، ٻولي، لکت، اسڪولن جي تعمير ۽ ترقيءَ وغيره جي سلسلي ۾ پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس خدمتون جنهن اسڪول سان منسوب ڪيون ويون، افسوس اهو اسڪول هڪ عاليشان عمارت جي باوجود اڄ ويراني ۽ تباهي جو منظر پيش ڪري رهيو آهي.

## حوالا


1. Dr. Rupali Mokashi: “Contribution of Narayan Jagannath Vaidya Towards Reforms in the education system of Sindh (Article)
2. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ’اوڻوهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي نثر جو وِڪاس‘، (برطانوي دور ۾ سنڌي نثر- مرتب: ڊاڪٽر منوهر بختراءِ مٽلاڻي، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي ممبئي، 2003ع، ص: 53.
3. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ’موجوده عربي- سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس‘، ڪلاچي جرنل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي، 2010ع.
4. ساڳيو حوالو.
5. ڊاڪٽر، ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ’اڻوهين صديءَ جو ادبي جائزو‘، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1988ع.







6. مختيار احمد ملاح، ’مشرقي سنڌ شناس‘ (اشاعت هيٺ).
7. ڊاڪٽر، ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ’اڻوهين صديءَ جو ادبي جائزو‘، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1988ع.
8. اي- جي گريئرسن، ترجمو: ڊاڪٽر فهميده حسين، ’برصغير جي ٻولين جو لساني جائزو‘ سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد.
9. زرين قلم: ’سنڌي رسم الخط تي هڪ ياداشت نامو‘ (سنڌي رسم الخط بابت مضمون ۽ مقالا) سنڌي لئينگئج اٿارٽي. حيدرآباد، 2016، ص: 213.
10. Mukhtiar Ahmed Mallah: “Development of Sindhi Language and Script during early English Period”, Sindhi Language Authority, Hyderabad, 2017.
11. Dr. Azeem-us-Shan Haider: “History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development”, 1974.
12. Dr. Rupali Mokashi: “Contribution of Narayan Jagannath Vaidya Towards Reforms in the education system of Sindh (Article)
13. ڊاڪٽر، ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ’اڻوهين صديءَ جو ادبي جائزو‘، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1988ع.
14. Dr. Azeem-us-Shan Haider: “History of Karachi with Special reference to Educational and Commercial Development”, 1974.
15. زرين قلم، ’سنڌي رسم الخط تي هڪ ياداشت نامو‘ (سنڌي رسم الخط بابت مضمون ۽ مقالا) سنڌي لئينگئج اٿارٽي، حيدرآباد، 2016ع، ص: 213.
16. ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، ’موجوده عربي- سنڌي لپيءَ جو تنقيدي اڀياس‘، ڪلاچي جرنل، شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ڪراچي، 2010ع.
17. Report on public Instruction in Sindh for the years 1875 (online E. book)- Page No. 31.
18. Report on public Instruction in Mysore for the year 1873-74 Mysore Government Press, Bangalore, 1874, P-11.
19. Pundit Shankar: “Vikramorvashiyam: A drama in Five Acts by Kalidas”, The Department of Public Instruction, Bombay, 1879
20. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ’اوڻوهين عيسوي صديءَ ۾ سنڌي نثر جو وڪاس‘، ’برطانوي دور ۾ سنڌي نثر‘ مرتب: ڊاڪٽر منوهر بختراءِ مٽلاڻي، ڊپارٽمينٽ آف سنڌي، يونيورسٽي ممبئي، 2003ع، ص: 53.
21. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌي، ’اڻوهين صديءَ جو ادبي جائزو‘، ماهوار پيغام، ڊسمبر 1988ع
22. وئديه، نارائڻ جڳن ناٿ، ’ڏرتي نروار‘ تعليم ڪاتو، ڪراچي، 1855ع.
23. Dr. Rupali Mokashi, “Contribution of Narayan Jagannath Vaidya Towards Reforms in the education system of Sindh’ (Article)
24. Report on Public Instruction in Mysore for the Year 1873-74 Mysore Government Press, 1874(Online)
25. H.T. Sorely:” Gazetteer of West Pakistan‘ :The Former province of Sind including Khairpur State, P 686.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair